Physical Education, Health and Social Sciences

https://journal-of-social-education.org E-ISSN: 2958-5996

P-ISSN: 2958-5988

Artistic Structure of Plot in Television Drama: An Analytical Analysis

Dr. Sikandar Ahmed Panhyar[1], Dr. Amir Ali Shah[2]

[1] Lecturer Sindhi, Department of Sindhi Language & Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Benazir Abad, Nawab Shah.

[2] Associate Professor, Department of Sindhi Language & Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Benazir Abad, Nawab Shah.

DOI: https://doi.org/10.63163/jpehss.v3i1.815

Abstract

Drama is an artistic genre that requires organized structure and deliberate planning, wherein the writer's conceived story takes on a dramatic form. Within this structure, the plot holds central importance because it provides order, meaning, and purpose to events, presenting them in a coherent sequence. The plot is the element that creates curiosity, tension, and dramatic movement in the story, keeping the audience emotionally engaged until the climax. Every event in a drama is organized through the plot in terms of its cause and effect, while characters, dialogue, and setting play essential roles in completing its framework. A strong plot is one in which events unfold naturally, logically, and with consistent progression. According to classical theory, each plot consists of a beginning, development, climax, conflict, and resolution, which collectively give the drama its complete form. Drawing material from real-life experiences, the writer reshapes it through artistic selection, arrangement, and creativity, thus giving it a fictional and expressive dimension. The significance of the plot lies in the fact that it not only propels the story forward but also imparts depth and meaning to the drama through conflict, struggle, and emotional intensification.

The study examines the artistic construction of plot, its components, and their influence on narrative development. It explores how plot stages affect coherence and audience engagement, highlighting the roles of conflict, climax, and resolution in maintaining dramatic intensity. The research also differentiates between simple and complex plots, analyzing how event arrangement and selection enhance narrative effectiveness.

A descriptive and analytical approach with quantitative analysis was employed, reviewing literary and theoretical sources on narrative construction and plot development. Data on event frequency, sequence, and arrangement were synthesized to identify key characteristics, functions, and stages of well-structured plots, emphasizing the relationship between plot organization, pacing, and audience engagement.

Findings show that effective plots, simple or complex, rely on logical sequencing, conflict, emotional continuity, and coherent resolution. Structured event arrangement and pacing significantly enhance audience engagement and narrative impact, ensuring thematic and artistic unity.

Keywords include Plot, Artistic Structure, Story Development, Conflict, Climax, Resolution, Simple Plot, Complex Plot, Narrative Art, Quantitative Analysis, Pacing, and Event Sequencing

ٹي وي ڊرامي ۾ پلاٽ جي فني جوڙجڪ: هڪ تجزياتي تجزيو

تحقيق هجي يا تخليق ٻنهي جا اصول آهن ۽ اصول کان سواءِ حصول ممڪن ناهي.اصول هڪ اهڙو قاعدو ۽ ضابطو آهي جنهن تي ڪا به ڳالهه، سوچ يا ڪو به نظام بيٺل هجي ٿو.اهڙي ريت ڊرامي جي نظام کي منظم طريقي سان هلائڻ لاءِ پڻ اصول قائم ڪيل آهي جنهن جي آڌار تي ڊرامي جي ليکڪ جي سوچيل،سمجيل، ۽ رٿيل ڳالهه پيش ٿئي ٿي.هنن فني اصولن ۾ ڊرامي جو هڪ اصول پلاٽ به آهي ۽ هي ڊرامي جو اهڙو فني پهلو آهي جيڪو ڪهاڻي ۾ نه رڳو تجسس پيدا ڪرڻ ڏسندڙ کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪري ٿو ڪهاڻي ۾ چڪتاڻ پيدا ڪري ان کي اڳتي وڌائي ٿو." هي اهو خاڪو ٿئي ٿو،جنهن وسيلي سبب يا وجهه بيان ڪري "ڇو" ۽ "ڪيئن " جو جواب ڏنو وڃي ٿو"(1) ڊرامي جو پلاٽ ان جي ڪهاڻي جو روح آهي جيڪو ان جي مختلف پهلوئن جهڙوڪ ڪهاڻي ۾ پيش ايندڙ واقعا، ان واقعن جي ترتيب،۽ اها ترتيب معنيٰ،مقصد ۽ جذباتي تسلسل فراهم ڪري ٿي. ڊرامي ۾ منظرنگاري، ڪردار، مڪالمه، گڏجي ڊرامي جي فني بناوت کي مڪمل ڪن ٿا ۽ پر پلاٽ انهن سيني جو مرڪزي محور هوندو آهي." هڪ سٽي پلاٽ جي خوبي اها آهي ته مرڪزي جذبو مجروح ٿيڻ کان بغير سمورا واقعا مختلف ڪردارن جي حوالي سان اهڙي طرح پيش ڪجن جو اُهي سڀ هڪ بامعنيٰ ۽ منفرد انجام تي پهچي سگهن."(2) هن مقالي ۾ پلاٽ بابت جن پهلوئن جو جائزو پيش ڪيو ويو آهي،انهن پلاٽ جي تعريف، پلاٽ جي وضاحت،پلاٽ جي خوبي، پلاٽ جا قسم جهڙوڪ سادو ۽ مرڪب پلاٽ، پلاٽ جي ورهاست جهڙوڪ ابتداءَ، ۽ ان جا طريقا، اوسر يا ارتقائي عمل،عروج، چڪتاڻ ۽ ان جا قسم،لاهي،پڃاڻي،پلاٽ جي تنظيم ۽ تنظيم جا قسم،پلاٽ کي اڳتي وڌائڻ جا طريقا جهڙوڪ مڪالمه، واقعا،پلاٽ جي رفتار، پلاٽ جي رفتار جو ڪردار تي اثر،پلاٽ ۾ ڪردار نيائڻ جو ڍنگ وغيره شامل آهن.

پلاٽ جي تعريف

پلاٽ (plot) انگريزي ٻولي جو لفظ آهي جنهن جي معني " سازش ڪرڻ " آهي،۽ لاطيني ٻولي ۾ پلاٽ جي معني بيان ڪرڻ آهي. آڪسفورڊ انگلش سنڌي ڊڪشنري ۾ پلاٽ جي معني "ڊرامي، ناول، فلم جي رٿاواقعن جي ترتيب،سازش،ڳجهي رٿا، خاڪو، چارٽ، نقشو، شئي، ماڳ يا رٿيل اڌاوت جو نقشو ناهڻ، ڏوهه يا سازش جي سِٽ سِٽڻ، چارٽ يا خاڪي تي نقطو نروار ڪرڻ، گراف تي نشان لڳائڻ، نقطا ڏيڻ، نقطا ڏئي دائرو، ليڪ يا ڪمان واضح ڪرڻ، ڪهاڻي جي واقعن کي ترتيب ڏيڻ" ڏنل آهي. (آڪسفورڊ انگلش سنڌي لغت _ص1334)

ڊاڪٽر قاضي خادم پلاٽ جي باري ۾ لکي ٿو ته "ڪنهن ڪهاڻي جي شُروعات، واقعات جو ڦهلاءِ ۽ ان جي پُڄاڻي ئي پلاٽ جو دائرو آهي،۽ اهو سلسلو انسان توڙي نباتات ۽ حيوانات جي جوڙجڪ ۾ به ملندو. هر شئي جي هڪ شُروعات ۽ هڪ پُڄاڻي آهي. انهن ٻنهن جي وچ ۾ جيڪو وهي واپري ٿو. ان جي پيش ٿيڻ جي طريقي کي پلاٽ چيبو آهي."(3)

ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته " پلاٽ رٿيل سازش جو بيان آهي،جنهن جو عمل ڪردارن کان ڪرايو وڃي ٿو.(4) ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ جو رايو آهي ته " پلاٽ واقعن جي خاڪي کي چيو وڃي ٿو.جو انسان جي زندگي ۽ ماحول مان حاصل ڪيو وڃي ٿو."(5)

پلاٽ جي وضاحت

معاشري جي ترقي ۽ تنزلي جو بنياد سوچ تي آڌاريل هوندو آهي ،ان سوچ جي محور ۾ انساني زندگي پنهنجي حياتي جو وقت گذاري هڪ ڪهاڻي کي جنم ڏي ٿي. ان ڪهاڻي ۾ انساني زندگيءَ جا مختلف روپ ملن ٿا.هر روپ

جا وري ڪيترائي پهلو ٿين ٿا ،۽ هر پهلو ۾ ڪو نہ ڪو واقعو سمايل هوندو آهي.هنن واقعن مان ڪي دلچسپ، ونندڙ، هانوءَ ڏارياندڙ، ڏکن ڏاکڻن، پيار ۽ محبت ،پيڙاهن، تڪليفن ،اذيتن سان پريل هوندا آهن. اي وي ڪاسٽن برنل لکي ٿوتہ حقيقي زندگي پلاٽ کي ڪا بہ مدد نٿي ڏي چو تہ حقيقي زندگي ۾ ڪو بہ پلاٽ نہ هوندو آهي(Robic Macaully & Georg Lanning Technical in fiction London. Harper & Row New York, 1964,p 158

جنهن جي وضاحت ڊاڪٽر غلام حسين پناڙ هن ريت ڪري ٿو تہ " حقيقي زندگي جي رفتار تمام سُست هوندي آهي، هن ۾ هر وقت واقعي کي اهميت نہ هوندي آهي.(سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ ص81) جڏهن تہ ناٽڪ جو هر واقعو داخلي يا خارجي صورت ۾ اهميت جو حامل هوندو آهي.ڇاڪاڻ ناٽڪ ۾ زندگيءَ جي واقعن کي پيش ڪرڻ جو عمل ڏاڍو تيز هوندو آهي جنهن جو هر موڙ حادثن ۽ واقعن سان رڌل هوندو آهي فرق ايترو آهي تہ ناٽڪ ۾ جيڪا ڪهاڻي پيش ڪجي ٿي تہ اها حقيقي زندگي مان ڪنئي ويندي آهي،۽" ان جو پلاٽ حقيقي واقعن مان پيدا ڪيو ويندو آهي(6)ان واقعن کي فطري انداز ۾ جيئن جو تيئن حقيقي زندگي واري روپ ۾ پيش نٿو ڪري سگهجي. پر ان ۾ حقيقي زندگيءَ جي اهم واقعن ،حادثن، واردااتن، ويچارن ۽ عملن کي چونڊ ڪري ترتيب سان افسانوي انداز ۾ پلاٽ ۾ پيش ڪيو ويندو آهي. ڪهاڻي جا ڪردار ابتدا کان انتها تي پهچي انجام ظاهر ڪن ٿا. ۽بين کي خارج ڪيو ويندو آهي. ائين چوڻ ۾ ڪو وڏاءُ نہ ٿيندو تہ پلاٽ هڪ سوچيل ۽ ذهني طور طئي ٿيل هڪ مهم آهي، ۽ ان مهم جي بنياد تي ڪهاڻي کي اڳتي وڌائي نتيجو حاصل ڪيو ويندو آهي.يعني پلاٽ هڪ اهڙو رٿيل عمل آهي،جيڪو ڪهاڻي جي جوڙجڪ، واقعن جي ترتيب ۽ عمل کي ڪهاڻي ۾ ظاهر ڪري ٿو.

پلاٽ جي خوبي

فني لحاظ کان جن حدن ۾ رهي ناٽڪ نويس ڪهاڻي جي رٿا جوڙي ٿو۽ نتيجو حاصل ڪرڻ تائين سندس رٿا ترتيب سان پيش ڪئي وجي تہ اها تنظيم پختي پلاٽ کي جنم ڏيندي آهي.يعني هڪ پختو پلاٽ تڏهن ئي جُڙي سگهي ٿو جڏهن ان ۾ واقعا مناسب ترتيب سان بيان ڪيا وجن.واقعن جا اسباب ترتيب ڏيڻ وقت ان ڳالهہ جو خيال رکيو وجي تہ ڪردارن جو عمل اهڙي ريت پيش ڪيو وجي جو ڏسندڙ ناٽڪ جي نتيجي کي ڏسڻ لاءِ انتظار ۾ رهي، اها قوت اعلي فن جي ڪماليت آهي.ان سان نہ رڳو ناٽڪ بابت جوڙيل رٿا کي چگي ريت پيش ڪري سگهجي ٿي پر فن جون حدون بہ قائم رهي سگهن ٿيون.

ناٽڪ نويس کي اهو ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ پلاٽ ۾ پهرين ڳالهہ ڪهڙي، ۽ ڪهڙي وقت پيش ڪجي.جڏهن نتيجي جي اسباب کي اهميت ڏيندو پلاٽ ۾ ڪٽي جهول نظر نہ اچي سگهي.ڇاڪاڻ تہ هڪ سُٽي ۽ مضبوط پلاٽ کان سواءِ ڊرامو ڪامياب ٿي نٿو سگهي. "پلاٽ جو دارو مدار ڪهاڻي، ۽ ڪردار تي هوندو آهي. ڪنهن بہ ناٽڪ ۾ سِٽاءُ اهم ترين عنصر آهي. هر ناٽڪ نويس کي ترتيب ۾ واڌي خبرداري ونڊي پوندي آهي. جو ناٽڪ جي ڪاميابي ۽ ناڪامي جو مدار ئي ان خبرداري تي آهي."(7)

پلاٽ جو دارو مدار ڪهاڻي تي آهي"ص121 ميمڻ)۽ ڪهاڻي جو بنياد زندگي آهي.جنهن کي ڏسندڙ ناٽڪ جي روپ ۾ ڏسڻ چاهي ٿو.انڪري پلاٽ زندگيءَ جي ويجهو هئڻ گهرجي، ۽ جيڪي واقعا اسان جي زندگين ۾ رونما ٿين ٿا تن کي ناٽڪ جي پلاٽ جو حصو بنجڻ گهرجي. بي صورت ۾ ناٽڪ ۾ ادبي صداقت پيدا نٿي سگهندي. پر ناٽڪ ۾ زندگيءَ جي واقعن کي جيئن جو تيئن بہ پيش نٿو ڪري سگهجي. ان ۾ڪجهہ نہ ڪجهہ بناوٽ ۽ تصنع (artificiality) جو هئڻ پڻ ضروري آهي. واقعن کي جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ کي واقعات نگاري ڪوٺبو آهي. ناٽڪ نويس لاءِ

ضروري آهي تہ ان ۾ افسانوي رنگ پيدا ڪري. ان کان سواءِ ناٽڪ ۾ اچرج يا شش و پنج يا (suspense) واري صورتحال پيدا ڪرڻ ضروري آهي.

سُنڌي پلاٽ جي خوبي اها آهي تہ مرڪزي جذبو مجروح ٿيڻ کان بغير سمورا واقعات مختلف ڪردارن جي حوالي سان اهڙي طرح پيش ڪجن جو اهي سڀ هڪ بامعني ۽ منفرد انجام تي پهچي سگهن.ليڪڪ ناٽڪ لاءِ جيڪا ڪهاڻي رٿي ٿو .ان جي پس منظر ۾ سندس مقصد لڪيل هوندو آهي.مرڪزي خيال ۽ مقصد پلاٽ جو روح يا اهو نقطو ٿئي ٿو جنهن جي چوڌاري ڪهاڻي جو تانو اُڻجي ٿو(8)پلاٽ ۾ مرڪزي خيال کي هميشہ فوقيت حاصل رهي آهي ڇاڪاڻ تہ مرڪزي خيال سڀني ناٽڪ ۾ شروع کان آخر تائين غالب عنصر طور جاري ۽ ساري رهڻ گهرجي(9)ڪهاڻي ۾ ڪٿي بہ مونجهارو نہ هڻڻ گهرجي.

بهترين پلاٽ اهو آهي،جيڪو فطري ۽ سليس آهي.منجهس سلسلو آهي.ساڳي وقت منجهس اهم واقعن تي وڌيڪ زور ڏنل آهي.سُنڌي پلاٽ لاءِ اهو پڻ ضروري آهي تہ منجهس جذبوءِ تصادم موجود هجي.(10)

پلاٽ جا قسم

پلاٽ ٻن قسمن جو هوندو آهي هڪ سادو پلاٽ ۽ ٻيو مرڪب پلاٽ هي.ڻ ٻنهي جي وضاحت پيش ڪجي ٿي

- **سادو پلاٽ**

سادي پلاٽ ۾ ڪهاڻي هڪ راز تي ٻڌل هوندي آهي جنهن جي چوڌاري ڪردار پنهنجي عمل کي ظاهر ڪندا آهن. سادو پلاٽ تڏهن ئي اثرائتو ٿي سگهندو آهي جڏهن ڪردار مختصر يعني تعداد ۾ گهٽ هجن ڇاڪاڻ سادي پلاٽ ۾ هڪ پاسي ڪهاڻي جو محور ڪنهن هڪ راز يا ڳالهہ تي آڌاريل هوندو آهي. ۽ ٻيو مختصر وقت هوندو آهي. سادي پلاٽ وارا ناٽڪ هڪ ئي ويهڪ ۾ ڏسڻ لاءِ هوندا آهن. سولو پلي،۽ لانگ پلي جي ڪهاڻي سادي پلاٽ تي آڌاريل هوندي آهي.جو لانگ پلي ۽ سولي پلي هڪ قسط تي ٻڌل هوندا آهن.جنهن ۾ هڪ مختصر ڪهاڻي هوندي آهي، ۽ ان جو دورانيو ۽ دائرو محدود آهي.

- **مرڪب پلاٽ**

مرڪب پلاٽ ۾ ناٽڪ جي ڪهاڻي جا ڪيترائي راز سمايل هوندا آهن.جيڪي مختلف خيالن ۽ مقصدن کي واضح ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. هن قسم جي ناٽڪ ۾ ڪهاڻي جا ڪيترائي ئي رُخ يا پهلو هوندو آهن.هن قسم جي پلاٽ کي اڪثر وڏائڻ لاءِ ڪهاڻي جي مرڪز ۾ هڪ جاءِ تي ڪيترين ئي ڪهاڻين کي جنم ڏنو ويندو آهي،جيڪي ظاهري طور تي پاڻ ۾ الڳ الڳ پنهنجي مقصد کي ظاهر ڪندا آهن پر ناٽڪ جي پڄاڻي تي سڀ پهلو گڏجي ڪهاڻي جي مڪيامرڪز ۽ پلاٽ تي پڄاڻي ڪندا آهن.يعني نندڙيون نندڙيون ڪهاڻيون آخر ۾ مرڪز سان گڏجن ٿيون۽ ڪهاڻي بنيادي پلاٽ کي ظاهر ڪندا آهن.سيريل ناٽڪ مرڪب پلاٽ تي آڌاريل هوندو آهي، ڇاڪاڻ جو جو سيريل ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج ۽ سو کان وڌ قسطن تي ٻڌل هوندي آهي، ان قسم جي ناٽڪ جو دائرو ڪُشادو هوندو آهي ۽ ليڪڪ آزادي سان مرڪزي ڪهاڻي ۾ ڪيترين ئي ڪهاڻين کي جنم ڏيندو آهي.

پلاٽ جي ورهاست

خام مواد جي فراهمي کان پوءِ ناٽڪ آڏو اهو سوال پيدا ٿيندو آهي ته هو پلاٽ جي حيثيت ۾ ان جي ترتيب ڪهڙيءَ ريت رکي؟ ان ۾ ڪردارن، مڪالمن ۽ منظرن کي ڪهڙي ريت جڳهه ڏني وڃي؟ ۽ گڏ ڪيل خام مواد جي جوڙجڪ ڪهڙيءَ ريت ڪئي وڃي؟ اها ترتيب هڪ آرٽ آهي،جنهن جي بنياد تي ناٽڪ کي ڪامياب بڻائي سگهي ٿو.انڪري اهوضروري آهي ته ناٽڪ جي پلاٽ کي چگي ريت سمجهڻ لاءِ مختلف حصن جو جائزو ورتو وڃي .

ابتدا/شُروعات

پلاٽ جي ان حصي جو مقصد اهو هوندو آهي ته ڏسندڙن کي اها شروعاتي ڄاڻ ڏني وڃي،جنهن ۾ ڪردار جو تعارف ۽ مسئلن جي نشاندهي شامل هوندي آهي. ان جي مدد سان ڏسندڙ آکاڻي يا قصي کي سولائي سان سمجهي سگهي ٿو. شروعات ۾ ڏسندڙ اهڙن ڪردارن کي ڏسن ٿا، جن بابت هنن کي ڪا به معلومات ناهي، تنهن ڪري اهو ضروري آهي ته پلاٽ جي شروعات واضح ۽ جامع هجي ته جيئن ڏسندڙ پلاٽ کي سولائي سان سمجهي سگهي گهٽو عرصو اڳ جڏهن اسٽيج ڊرامن جو رواج هو ته ڪي ڊرامہ نگار ڊرامي جي شروعات ڪنهن ڪردار جي تقرير سان ڪندا هئا .اهو طريقو نهايت ئي اڻ وٽندڙ طريقو هو. خاص طور تي موجوده دور ۾ ان طريقي کي سنو نٿو سمجهيو وڃي،ڇاڪاڻ اهڙي تقرير کي ڪو به غور سان نه پڙندو آهي، ڊرامي جي شروعات ٻن طريقن سان ڪري سگهجي ٿي.

1. **مڪالمي وارو طريقو** 2. **تاثرات وارو طريقو**

1 .مڪالمي وارو طريقو

هن طريقي ۾ ڪردار ڏيڪ جي ابتدا مڪالمي سان ڪري مسئلو يا سبب بيان ڪندو آهي .ان طريقي لاءِ اهو ضروري آهي ته مڪالما بلڪل فطري، مهل ۽ موقعي جي مناسبت سان هجن .گڏو گڏ مڪالما مختصر هجن ۽ ڊرامائي انداز ۾ پيش ڪيا وڃن.

2 . تاثرات وارو طريقو

هن طريقي ۾ ڪردار ڏيڪ ۾ بيان ڪيل عمل کي تاثرات وسيلي بيان ڪندو آهي، جنهن ۾ ڪردار جي جسماني حرڪت جي عمل جو حصو هوندو آهي، ۽ ڪردار بنهه گفتگو ڪرڻ جي ڏسندڙ آڏو واقعي جو مقصد پيش ڪندو آهي.هن طريقي ۾ ڏيڪ بابت ڏنل نيائڻ جو اندازجو اثرائتو هئڻ انتهائي ضروري آهي ڇاڪاڻ ته نيائڻ جو اندازجي بنياد تي ئي ڪردار پنهنجو عمل پيش ڪندو آهي.

اوسر يا ارتقائي عمل/ واقعن جو اُيار

ان مرحلي تي پلاٽ ۾ پکيڙ شروع ٿي ويندي آهي ۽ مختلف قسمن جامونجهارا ۽ مسئلا شروع ٿي ويندا آهن .ناٽڪ نويس جو ڪمال ان موقعي تي اهو هوندو آهي ته هو واقعن کي نهايت ئي منطقي انداز ۾ اڳتي وڌائي پر گڏو گڏ اختصار جو خيال رکي، اجائي ڊيگهه نه ڪري .ان موقعي تي هرڪردار جو مقصد واضح ٿيڻ گهرجي ۽ ڪردار ۽ عمل جي وچ ۾ مضبوط رابطو قائم ٿيڻ گهرجي.اوسر يا ارتقا دوران جيڪيي منظر ڏيکاريا وڃن، اهي اجايا نه هجن بلڪ پلاٽ کي اڳتي وڌائڻ ۾ مدد ڏين يا ڪردارن تي روشني وجهن .اهڙي عمل کي ڊرامائي ڪفايت شعاري ڪوٺبو آهي . ان کان علاوه اهو به ضروري آهي ته جن واقعن کي پُجاڻي جي مرحلي تي پڃايو وڃي، ان مرحلي کان اڳ ئي ان جي شروعات ڪئي وڃي يا اهي ڪردار جن کي پُجاڻي تي سوپ يا فتح حاصل ٿيڻي آهي يا شڪست ملڻي هي، تن کي پڻ ان موقعي تي منظر عام تي آڻڻ گهرجي.

عروج / انتها

انتها /عروج (climax)جو مطلب آهي ناٽڪ ۾ بلندي ،شدت،دلچسپي جي انتها، هڪ سلسلي جو اهم ترين دلچسپ نقطو،جو ڳالهه ٻولهه يعني ڪهاڻي کي انتها جي درجي تي پهچائي.ان مرحلي ۾ جذبن ۾ شدت پيدا ٿئي ٿي ۽ واقعا نقطئه عروج تي پهچي وڃن ٿا. حالتون نازڪ ٿي وڃن ٿيون ۽ پڙهندڙ جو شوق ۽ وڌي وڃي ٿو ۽ هو انجام يا پڇاڙي معلوم ڪرڻ لاءِ آتو ٿي وڃي ٿو. ان موقعي تي انجام بلڪل مبهم ۽ غير يقيني هوندو آهي.ناٽڪ ۾ پلاٽ جو هي حصو نهايت ئي اهم آهي جو ان جاءَ تي ڪهاڻي ۾ تبديلي ايندي آهي، ۽ نوان پهلو نروار ٿي سامهون ايندا آهن ،۽ ڪردار هڪ ٻئي جي سامهون ٿين ٿا،مسئلن کي عمل وسيلي نبيرڻ لاءِاڳتي وڌن ٿا جنهن سان چڪتاڻ جو عمل پيدا ٿيندو آهي.پختي پلاٽ لاءِ چڪتاڻ جي عمل هئڻ ضروري آهي.

چڪتاڻ / تڪرار

چڪتاڻ جي معني" دشمني،جهيڙو،تصادم،جنڊ،ڪشمڪش،مخالف نظرين جو ٽڪراءُ،هن سبب پيدا ٿيل تڪليف، نه نهڪڻ، مقابلو ڪرڻ ، مخالفت ڪرڻ آهي. ناٽڪ جي ان مرحلي ۾ ڪردار پنهنجو عمل ڏيڪاريندا آهن ته ته ان جو پڻ ردِعمل ٻه ظاهر ٿيندو آهي.اهو ردِعمل ڪڏهن ڪردار جي پنهنجي ذهن جي تخليق هوندو آهي ته ڪنهن وقت ڪنهن ٻئي ڪردار جي عمل ۾ ظاهر ٿيندو آهي.ردعمل جي سبب ڪهاڻي جي پلاٽ ۾ چڪتاڻ يا تڪرار پيدا ٿئي ٿو.ناٽڪ ۾ڪهاڻي جي اڳتي وڌڻ جو دارومدار ڪشمڪش تي هوندو آهي(11) چاڪاڻ ناٽڪ ۾ چڪتاڻ ئي ڪهاڻي جو بنياد آهي .اهو تڪرار ڪجهه واقعن وسيلي ڏيکاري سگهجي ٿو يا ڪو ڪردار ڪجهه مقصد يا خواهش ماڻڻ خاطر تڪراري صورتحال ۽ حاصل ڪرڻ يا پنهنجي مرضي پيدا ڪري سگهي ٿو .حقيقت اها آهي ته انسان پنهنجي غرض جو بندو آهي. هو جنهن شئي کي حاصل ڪرڻ ۾ پنهنجو فائدو ڏسي ٿو،ان شئي کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پوءِ پلي ٻين کي نقصان ڇو نه پهچندو هجي . تڪرار جو سبب ٻه اهو رويو هوندو آهي. اهڙي تڪرار جي بنياد تي آکاڻي تحرڪ ۾ ايندي آهي ۽ اتان ئي حق ۽ سچ جو مسئلو شروع ٿيندو آهي .ان موقعي ڪهاڻي ۾ هڪڙو سورمو ٻڌجي ويندو آهي ته ٻيو وريVillain ٻڌجي ويندو آهي. دراصل چڪتاڻ واري مرحلي تي ناٽڪ نويس کي ڪردارنگاريءَ جو موقعو ملي ٿو ۽ هو ڏيکاري ٿو ته ڪردار اهڙين حالتن ۽ ڪمن ۾ ڪيتري قدر سچا ۽ معنيٰ دار ثابت ٿين ٿا يا وري ڪهڙي طرح رياڪار ۽ بد نيت ٿي وڃن ٿا" ناٽڪ جي ماضي تي نظر وجهبي ته نظر ايندو ته هر ڊرامي جي شُروعات ڪشمڪش سان نظر ايندي آهي.ايتري قدر جو ڊرامي کي ڪشمڪش جو متبادل لفظ ڪري سمجهيو ويندو هو"(12)
قديم ناٽڪ جيڪو اسٽيج تي پيش ڪيو ويندو هو ان ۾ ڪشمڪش جي پهلو کي پلاٽ جو بنيادي جُز سمجهيو ويندو هو ،ان سبب ڪري ئي يورپ جا ناٽڪ ڪنهن ڳالهه يا واقعي جي چڪتاڻ کان شُروع ڪيا ويندا هئا، پر اهو تجربو ٿي وي ناٽڪ لاءِ ايترو ضروري نه سمجهيو ويو.ان ڪري ناٽڪ ۾ فرد جي حياتي جو عمل ڪنهن واقعي جي ڪشمڪش سان نه پر عام طرح سان ڪنهن ڳالهه يا تاثر تان ڪئي وجي ٿي.

چڪتاڻ يا تڪرار جا چار قسم آهن.

1. **ذاتي چڪتاڻ**
2. **اجتماعي چڪتاڻ**
3. **فطري چڪتاڻ**
4. **سماجي چڪتاڻ**

1. . ذاتي چڪتاڻ :

ناٽڪ ۾ هن قسم جي چڪتاڻ ان وقت پيدا ٿيندي آهي جڏهن ڪردار پنهنجي رڦيل مقصد کي حاصل نہ ڪري سگهندو آهي. شڪست جي نتيجي ۾ ڪردار جي اندر هڪ خاص اُڻ تُڻ واري صورتحال پيدا ٿيندي آهي،۽ ڪردار پنهنجي ذات ، نفس ،جذبن سان وڙهندي نظري ايندو آهي. هي ڪردار جي انفرادي طور تي پنهنجي لاءِ پاڻ ڏهن مان پيدا ڪيل چڪتاڻ هوندي آهي ،جنهن کي اڪيلي سِر نيائيندو آهي،۽ مسئلن جا حل به پاڻ ڳولهيندو آهي.

ناٽڪ ۾ انفرادي چڪتاڻ ڪردار جي سوچ، حڪمت عملي، خواهش، جذبو،ناڪامي،۽ عمل وسيلي پيدا ڪري سگهجي، چاڪاڻ هن ۾ ڪردار پنهنجي پاڻ سان وڙهندي نظر ايندوآهي،ڪنهن ٻئي ڪردار جو سندس چڪتاڻ ۾ ڪو عمل دخل نہ هوندو آهي.

2 . اجتماعي چڪتاڻ

ناٽڪ ۾ ڪردار عام ماڻهن وانگي ورتاءُ پيش ڪندي نظر ايندا آهن،جو اهي ڪردار حقيقي زندگيءَ مان کڻي افسانوي روپ ۾ پيش ڪيا ويندا آهن. هنن ڪردارن جو عمل به حقيقي انسان جهڙو هوندو آهي، جيڪي پنهنجي سوچ کي عمل وسيلي ظاهر ڪندا آهن. يعني ناٽڪ جو هر ڪردار هڪ الڳ سوچ سان پنهنجي مقصد کي ظاهر ڪندو آهي. جڏهن انسان وانگي ڪردارن جي سوچ هڪ ٻئي جي ٽڪراءُ ۾ ايندي آهي تہ ڪردار هڪ ٻئي جي سامهون ٿيندا آهن.ناٽڪ ۾ مکيا ڪردار ڪنهن سبب، مقصد يا ڳالهہ تان ٻئي ڪردار جي سامهون ٿئي ٿو يا ڪو ٻيو ڪردار سندس سامهون ٿئي ٿو تہ ڪردارن جي وچ ان مسئلي تي چڪتاڻ پيدا ٿئي ٿي.پوءِ هر ڪردار ذاتي طور تي سوچ ماڻڻ لاءِ رٽا جوڙي ٿو. ٻنهي ڪردارن جي جوڙيل حڪمت عملي چڪتاڻ جو محرڪ بڻجي پلاٽ کي اڳتي وڌائي ٿي. ناٽڪ ۾ اجتماعي چڪتاڻ پيدا ڪرڻ لاءِ مکيا ڪردار جي سامهون ڪنهن ٻئي ڪردار کي پيش ڪيو ويندو آهي.

3 . فطري چڪتاڻ

ناٽڪ ۾ ڪي ڪردار اهڙا به هوندا آهن جيڪي ظاهر طور ڪردار نظر ناهن ايندا پر اهي ناٽڪ ۾ ڪنهن موڙ تي مکيا ڪردار لاءِ رُڪاوٽ جو سبب ضرور بڻجن ٿا.اهڙي قسم جي ڪردارن جو تعلق فطرت يا قُدرت جي قوت سان هوندو آهي جهڙوڪ هوا، پاڻي، مينهن، سرد ۽ گرم موسم،سمنڊ، سامونڊيون چوليون،ٻوڏ،طوفان وغيره وغيره.

ناٽڪ ۾ فطري چڪتاڻ ناٽڪ جي منظر کي ڏاڍو دلچسپ بڻائيندو آهي، جو ان ۾ ڪردار پنهنجي مقصد جي حاصلات لاءِ فطري شين سان زور آزمائي ڪندي نظر ايندو آهي.مثال ڪڏهن سردين جي موسم ۾ پاڻ کي گرم ڪپڙن ۾ ڍڪي ٿو ،تہ ڪڏهن شڪار لاءِ سامونڊي لهرن سان مهاڏو اٽڪائيندي اڳتي وڌي ٿو تہ ڪنهن وقت ٻوڏ کان بچڻ لاءِ درياءَ جا بند ٻڌندي نظر اچي ٿو.

4 . سماجي چڪتاڻ

انسان جنهن سماج ۾ جنم ونيِ ٿوتہ ان کي منظم بنائڻ لاءِ کي اصول ناهي ٿو . قاعدہ،۽ قانون جوڙي ان موجب معاشري جي فردن کي ان تي عمل ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ڪري ٿو. وقت گُذرڻ سان انسان جي سوچ ۾ ڦيرو اچي ٿو، ۽

هو جوڙيل ريتن ،رسمن، رواجن، ۽ قدرن جي خلاف سامهون ٿي بيهي ٿو، نہ رڳو ايترو پر هنن کي فرسوده سمجهي ان تي عمل ڪرڻ کان بہ انڪاري ٿئي ٿو، ۽ ان انڪار سبب تضاد پيدا ٿئي ٿو.

ناٽڪ ۾ ان قسم جي ڇڪتاڻ ان وقت پيدا ٿيندي آهي جڏهن مکيا ڪردار ماڻهن جي ميڙ،سماج، تهذيب ۽ تمدن کان بيزاريت جو اعلان ڪري، ان جي ابتڙ پنهنجي زندگي جي بنياد وجهي ٿو.جديد ناٽڪ ۾ ان قسم جي ڇڪتاڻ جا ڏاڍا مثال ملن ٿا.

لاهي

لاهي جو مطلب " ڍهڻ، ڪرڻ، بنا رندڪ جي هيٺ اڇڻ، تيزيءَ سان مٿي کان هيٺ لهڻ، هينائين طرف رُخ ڪرڻ،مخصوص رُخ اختيار ڪرڻ،جاءِ ونڻ آهي. هي ناٽڪ جو اهو مرحلو آهي، جتي ڪردارن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ يا ٽڪراءُ واري ڪيفيت، پلاٽ يا قصو طرب يا الم جي روپ ۾ پڄاڻي ڈانهن موٽ ڪري ٿي .جيڪڏهن پلاٽ طرب تي ختم ٿو ٿئي تہ سورمي جي راهہ جون سيئي رندڪون دُور ٿي سندس لاءِ رستو هموار ٿي ويندو آهي .ٻين ڪردارن بابت هوجن شڪ شبهہ ۾ مبتلا هوندو آهي، سي پڻ ختم ٿي ويندا آهن.جيڪڏهن پلاٽ ڏڪ واري صورتحال تي ختم ٿيندو آهي تہ انهن سيني قوتن جو انت ڏيکاريو ويندو آهي،جيڪي فتني ۽ فساد جا سبب هوندا آهن.بهرحال ان مرحلي تي پلاٽ بلڪل واضح ٿي ويندو آهي .ڏسندڙ جنهن اچرج ۾ مبتلا هوندو آهي . سي هن مرحلي تي صحيح صورتحال کان واقف ٿي ويندا آهن .ناٽڪ نويس لاءِ اهو مرحلو نهايت ئي نازڪ ۽ اهم هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ناظرين جي دلچسپي لاءِ فقط ان وقت تائين قائم هوندي آهي، جيستائين انهن کي انجام معلوم نہ ٿيندو آهي .پر جيڪڏهن کين انجام معلوم ٿي وڃي تہ انهن جي دلچسپي ۽ وڌيڪ جاڙڻ واريي ڪيفيت ۾ گهٽتائي اچي ويندي آهي،انڪري موجوده دور جا ناٽڪ نويس ارتقائي مرحلي کي گهٽي ڏيگهہ ڏيندا آهن ۽ پڄاڻي واري عمل کي مختصرڪري ڇڏيندا آهن .بهرحال پڄاڻي واري منزل ۾ ڏسندڙ جي دلچسپي برقرار رکڻ لاءِ مختلف طريقن تي عمل ڪيو ويندو آهي. مثلا مزاحيہ ناٽڪ جي پلاٽ ۾ اچرج پيدا ڪرڻ لاءِ نوان مرحلا پيدا ڪيا ويندا آهن ۽ ائين لڳندو آهي تہ آکاڻي ختم ٿيندي ٿيندي وري ٻيهر ڪو نئون رخ اختيار ڪيو هجي، جنهن وسيلي خوشين جي راهہ ۾رُڪاوٽ پيدا ٿيو وڃي .اهڙي مرحلي تي انجام شڪي ٿيو پوي .جڏهن تہ الميہ ناٽڪ ۾ اهو بہ ڏيکاريو ويندو آهي تہ سورميءَ يا سور مي لاءِ هڪ ٻيو رستو بہ ڪليل آهي، جنهن وسيلي هو ڏکن ڏاکڻن کان آڇيو حاصل ڪري سگهن ٿا. بهرحال انهن طريقن وسيلي ناٽڪ ڏسندڙن جي دلچسپي برقرار رکي سگهجي ٿي.

پُڄاڻي

پُڄاڻي جي معني " نتيجي، خلاصي يا انجام طرف رُخ ڪرڻ آهي.پُڄاڻي پلاٽ جو آخري حصو آهي .ان موقعي تي سيئي ڊرامائي تڪرار ختم ٿي وڃن ٿا ۽ انجام ڏيکاريو وڃي ٿو.ڪجهہ ڊرامن ۾ انجام ڏيکاريونہ ويندو آهي، بلڪ ڏسندڙن جي تخيل تي ڇڏيو ويندو آهي .موجوده دور جانقاد ان طريقي کي وڌيڪ پسندڪن ٿا .انهن جو اهو چوڻ آهي تہ ناٽڪ اصل زندگيءَ جو پاڇو آهي انڪري ناٽڪ ۾ پڄاڻي ڪڍهن نٿي اچي بلڪ هڪ واقعي جي ختم ٿيڻ کان پوءِ ٻيا واقعا شروع ٿي وڃن ٿا .اصل۾ زندگي نہ ختم ٿيندڙ سفر آهي، تنهن ڪري ناٽڪ ۾ پُڄاڻي ڏيکارڻ جي ضرورت ناهي پر تنهن هوندي بہ ڏسندڙن جي دل انجام ڏسڻ لاءَ بيقرار هوندو آهي. انڪري گهڻو تڻو ڊرامہ نگار واضح طور تي ناٽڪ جي ڪهاڻيءَ جي پُڄاڻي ڏيکاريندا آهن.

پلاٽ جي تنظيم

ناٽڪ نويس معاشري جي پرک ڪري روزمره جي زندگي جو نقش اکين آڏو رکي ڪهاڻي لاءِ واقعا جوڙي ٿو.جنهن ۾ معاشري جو ماحول،۽ وقتي حالتن جا چٽا عڪس نظر ايندا آهن.جنهن ۾ ڪردارن جي رهڻي ڪهڻي، تهذيب،

تمدن،ريتون رسمون،طورطريقا،۽ انهن جي هر پهلو جي عڪاسي ڪئي ويندي آهي.جڏهن اهي سمورا پهلو نظم ۽ ضبط ۾ پيش ڪيا ويندا تہ ناٽڪجي پلاٽ ۾ تنظيم قائم رهي سگهي ٿي.

- **منظم پلاٽ**

ناٽڪ نويس ذهن ۾ هڪ خاص مقصد رکي ناٽڪ لکي ٿو،۽ ان جي تڪميل لاءِ رٿا جوڙي ٿو.اها رٿا واقعن هيٺ ڪهاڻي ۾ سلسليوار ڪردارن وسيلي اڳتي وڌي ٿي.جڏهن واقعا نظر و ضبط سان پيش ڪيا ويندا تہ ان ۾ اتحاد قائم ٿيندو جيڪڏهن اهو اتحاد ناٽڪ جي ابتدا کان وٺي پڄاڻي تائين قائم رهيو تہ ناٽڪ جو پلاٽ منظم هوندو.ڈاڪٽر عبدالمجيدميمڻ لکي ٿو تہ" منظم پلاٽ ۾ ڪهاڻي جا ترڪيبي جُزا هڪ ٻئي سان ڳُتيل هوندا آهن،(13)منظم پلاٽ جي خوبي اها هوندي آهي تہ ان ۾ واقعا ترتيب سان هڪ ٻي پٺيان ڪردارن وسيلي پنهنجو عمل ظاهر ڪري ڪهاڻي جو نتيجو ظاهر ڪندا آهن.

- **غير منظم پلاٽ**

غير منظم پلاٽ ۾ ڪاهاڻي جا ترڪيبي جُزا مختلف واقعن تي مبني هوندا آهن.فقط ڪهاڻي جو هيرو مختلف ٽڪن کي پاڻ ۾ ملائيندو آهي(14)يعني ناٽڪ نويس جنهن رٿا موجب واقعن وسيلي ناٽڪ کي اڳتي وڌائيندو آهي ، ان ۾ پيش ڪيل واقعن ۾ ڪا بہ ترتيب نہ هوندي،جنهن سان نہ رڳو ڪهاڻي ۾ مونجهارو پيدا ٿيندو آهي،پر پلاٽ بہ متاثر ٿيندو آهي. جڏهن ناٽڪ ۾ واقعن جو اتحاد ٽٽي ٿو تہ پلاٽ گهرگهلو ٿئي ٿو.

پلاٽ کي اڳتي وڌائڻ جا طريقا

پلاٽ کي ابتدا کان وٺي پڄاڻي تائين تسلسل سان پهچائڻ جو عمل ڏاڍو ڏکيو ۽ پيچيدا آهي.ناٽڪ جي پلاٽ کي ٻن طريقن سان اڳتي وڌائي سگهجي ٿو.

- **مڪالما**

مڪالما ڊرامي ۾ ٽنهي جي حيثيت رکن ٿا.جو مڪالما ناٽڪ نويس جي خيال ۽ فڪر جي اظهار جو ذريعو آهي. هن طريقي ۾ ليڪڪ جملن وسيلي واقعا جوڙي ٿو. ڪردار ڏيڪ جي دوران اهڙا مڪالما ڳالهائيندو آهي جنهن سان ڏيڪ ۾ ڪهاڻي کي هڪ نئون رُخ يا موڙ ملندو آهي،۽ نئون ڏيڪ گذريل ڏيڪ جو هڪ تسلسل هوندو آهي.هي تمام ڏکيو طريقو آهي عملي ناٽڪ ۾ اڪثر پلاٽ مڪالمن وسيلي اڳتي وڌندا آهن.

- **واقعا**

هي طريقو پلاٽ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ نهايت ئي سولو آهي،جنهن ۾ ڪردار پنهنجي عمل وسيلي واقعن کي جنم ڏئي ٿو. جڏهن هڪ واقعي ۾ عمل ٿئي ٿو تہ ٻئي واقعي ۾ ان جو ردعمل ظاهر ٿيندو آهي اهي واقعا پلاٽ بابت سوچيل رٿا کي پڄاڻي تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن.

واقعن جي اهميت

ليڪڪ جڏهن بہ ڪنهن ناٽڪ جي رٿا جوڙي ٿو تہ ڪهاڻي کي اڳتي وڌائڻ لاءِ واقعن کي جوڙيٿو.واقعن کان سواءِ ڪهاڻي بہ معني هوندي آهي.واقعن جي بنياد تي ڪهاڻي ابتدا وٺي انتها تي پهچي آخر ۾ پڄاڻي ڪري هڪ مقصد کي ظاهر ڪري ٿي.واقعو ٿي وي ناٽڪ جو بنيادي جُز آهي. ان کان سواءِ ڪهاڻي جو مقصد ظاهر نٿو ڪري سگهجي. ليڪڪ لاءِ ضروري آهي تہ ڪهاڻي لاءِ اهڙا واقعا جوڙي جيڪي ڏسندڙ کي متاثر ڪن،جيئن هو ڪهاڻي کي پڄاڻي تائين ڏسڻ لاءِ اُتاولو رهي .اهو تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن واقعا سگهارا ۽ معنوي لحاظ کان اثرائتا هوندا،۽ انهن ۾ تخيل جي اڏام ۽ بيان جي سادگي هجڻ سان گڏ ان جو تصويري روپ بہ وٺندڙ هجي. جيڪڏهنواقعي ۾ مڪالما اثرائتا هجن، ۽ ان ۾ تخيل جي قوت بہ موجود هجي،جي واقعوڪمزور هوندو تہ سگهارو پلاٽ بہ متاثر ٿيندو آهي.ناٽڪ لکڻ وقت ليڪڪ جي ذهن ۾ لاتعداد واقعا جنم وٺندا آهن پر موثر واقعي جي انتخاب تي دارومدار ليڪڪ تي رکي ٿو تہ هو ڪهڙاواقعا ناٽڪ لاءِ چونڊ ڪري ٿوءِ ڪهڙا خارج ڪري ٿو.جديد ناٽڪ ۾ واقعي جي وڏي اهميت آهي جو ناٽڪ جي ڪاميابي جو راز ئي واقعا هوندا آهن. جيڪي ڪهاڻي کي اثراتو بڻائي ڏسندڙ کي پنهنجي طرف چڪن ٿا.ليڪڪ لاءِ ضروري آهي تہ ناٽڪ لاءِ واقعا اهڙا تہ اثرائتا تخليق ڪري يا جوڙي جو ڏسندڙ واقعن کي ڏسڻ لاءِ بي چين هجي ۽ ذهن ۾ ڪنهن تصوير جي عڪس وانگي ذهن ۾ چٽجي وجي.

پلاٽ جي رفتار

جديد ناٽڪ ۾ پلاٽ جي رفتار کي وڏي حيثيت ڏني وئي آهي.ان جو بنيادي ڪارڻ اهوآهي تہ هن وقت چينل ايترا وڌي ويا آهن.جو ڏسندڙ کي ناٽڪ ڏسڻ جا وڌ کان وڌ موقع فراهم ٿين ٿا.ڏسندڙ جي توجهہ جو مرڪز اهو ئي ناٽڪ بڻجي سگهي ٿو.جنهن جا واقعا اثرائتا هوندا آهن.اڄ جي هن مشيني دور ۾ ماڻهو دنيا جي معاملن ۽ مونجهارن ۾ ايترو تہ ڦاسي چڪو آهي جو وٽس ايترو وقت ئي ناهي جو گهٽو وقت ڏسڻ کي ڏئي سگهي. اهو تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن ناٽڪ جا واقعا موثر انداز ۾ پيش ڪيا ويندا. ناٽڪ کي موثر بڻائڻ ۾ پلاٽ جي رفتار جو اهم ڪردار آهي. ناٽڪ ۾ پلاٽ جي رفتار بن قسمن جي هوندي آهي هڪ تيز ۽ ٻئي سُست. ناٽڪ جي پلاٽ جي رفتار تڏهن ئي تيز ٿي سگهي ٿي جڏهن ڏيڪ کي مختصر ۽ اختصار سان پيش ڪيو ويندو ڇاڪاڻ نديڙا ڏيڪ ڪهاڻي کي تڪڙو اڳتي وڌائيندا آهن، جنهن سان پلاٽ جي رفتار تيز ٿي ويندي آهي ۽ ٿوري وقت ۾ ڪيترائي ڏيڪ پيش ڪري سگهبا آهن.جنهن سان ڪهاڻي ۾ تجسس پيدا ٿيندو آهي.جڏهن ناٽڪ ۾ پلاٽ جي رفتار تيز ٿي ويندي آهي تہ ڏسندڙ ناٽڪ جي نتيجي جي پڻ تڪڙي اميد رکندو آهي ۽ ان جو انجام ڏسڻ جي خواهش ۾ پورو ناٽڪ پڄاڻي تائين ڏسندو آهي . ناٽڪ ۾ ڏيڪ جو طويل دورانيو پلاٽ تي گهرو اثر ڇڏيندو آهي جنهن سان ناٽڪ جو پلاٽ سُست ٿي ويندو آهي ۽ ڏسندڙ کي ڪو جلدي نتيجو حاصل نہ ٿي سگهندو آهي.۽ بوريت جو احساس پيدا ٿيندو آهي.اڄ جي دور ۾ ناٽڪ ۾ ڊگها ڏيڪناٽڪ جي پلاٽ کي متاثر ڪن ٿا.هڪ تہ ڪهاڻي هوريان هوريان اڳتي وڌندي ۽ ٻيو ان مان تجسس وارو پهلو پڻ ختم ٿي ويندو.اڄ جي دور ۾ ڏسندڙ ناٽڪ ۾ ٿوري وقت ۾ گهٽو ڪجهہ ڏسڻ جو خواهشمند هوندو آهي.

پلاٽ جي رفتار جو ڪردار تي اثر

جڏهن ناٽڪ ۾ واقعن جي رفتار تيز ٿي ويندي آهي تہ ڪردار پنهنجو عمل تڪڙو پورو ڪندي نظر ايندا آهن. ليڪڪ جيڪا رٿا جوڙيندو آهي ڪردار ان کي تڪڙو پورو ڪري وري ٻي عمل ڏانهن وڌي ويندي آهن جنهن سان ڪردار

جي سوچ ظاهر ٿيندي آهي،۽ ڪردارن وسيلي پلاٽ ۾ لڪيل مقصد بہ ٹُرت ڏسندڙن آڏو ظاهر ٿيندو.پلاٽ جي رفتار سُست هوندي تہ ڪردار گهٽو وقت اسڪرين تي نظر ايندو جنهن سان ڪردار جي نہ رڳو شخصيت متاثر ٿيندي پر ڏسندڙ ۾پڻ بوريت جو احساس پيدا ٿيندو.

پلاٽ ۾ ڪردار نيائڻ جو انداز/ڍنگ

سنڌي ناٽڪ ۾ لفظ ٽريٽمنٽ (treatment) ساڳي انگريزي اُچار ۾ رائج آهي.جنهن جي معني آهي " ورتاءُ، سلوڪ، ادب يا فن ۾ ڍنگ،ڪو موضوع نيائڻ جو انداز آهي(18ص79). ناٽڪ ۾ ان عمل جي وڏي اهميت آهي.ناٽڪ ۾ جي ليکڪ يا هدايتڪار ان فني جُزي کان واقف ناهي تہ نہ ليکڪ ڪڏهن سنو ناٽڪ لکي سگهي ٿو ۽ نہ هدايتڪار سنو ناٽڪ پيش ڪري سگهي. ٽريٽمنٽ جي عمل وسيلي ناٽڪ جي زندگي جي تصوير جا نقش چٽيا ويندا آهن.هي ناٽڪ کي پيش ڪرڻ جو هڪ طريقو آهي.

جڏهن ناٽڪ ۾ مڪالمن جي جاءِ تي ڪردارن کان ان جي عمل ۽ تاثر کان ڪم ورتو ويندو آهي پلاٽ کي اڳتي وڌائڻ جو عمل ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي، چاڪاڻ تہ ڪنهن وقت ڪردار جو عمل تيز تہ ڪنهن مهل سُست نظر ايندو آهي.جيڪڏهن ڏيک ۾ ڪردارن جي نيائڻ جو اندازمناسب ۽ گهربل رفتار موجب کان گهٽ يا وڌ پيش ڪيو ويو تہ پلاٽ ۾ جهول اچي سگهي ٿوهن مرحلي ۾ ڪردار جي عمل کي پيش ڪرڻ جو بنياد وقت تي بڌل هوندو آهي تہ ڪردار ڪيتري وقت ۾ تاثر پيش ڪري ۽ پنهنجو عمل ظاهر ڪري. ناٽڪ لکڻ وقت اڪثر ليکڪ ان ڳالهہ تي توجهہ ناهن ڏيندا ۽ ڏيک جي نيائڻ واري اندازکي نظر انداز ڪري هدائتڪار تي ڇڏي ڏيندا آهن تہ هدائتڪار ريڪارڊنگ ڪرڻ واري مرحلي ۾ ڏيک ۾نيائڻ جو اندازجي پاڻ ترتيب ڏيندو آهي. جڏهن تي ڪردار جو عمل ليکڪ جي ذهن ۾ هوندو آهي هدائيتڪار تہ رڳو ان کي ريڪارڊنگ واري مرحلي ۾ آڻي محفوظ ڪندو آهي.ليکڪ لاءِ ضروري هوندو آهي تہ ناٽڪ لکڻ مهل ڏيک جي نيائڻ جو اندازپاڻ اهڙي ريت ترتيب ڏي جو ڏيک جو دورانيو نہ طويل هجي نہ مختصر،ٻئي صورت ۾ ناٽڪ جو پلاٽ متاثر ٿيندو ۽ سوچيل مقصد واضح نہ ٿي سگهندو جيڪو ڪردارن جي عمل ۾ لڪيل هوندو آهي.

حوالا

1. صديقي،غلام حيدر." نندي کنڊ ۾ ڊرامي جي تاريخ" ثقافت ۽ سياحت کاتو،حڪومت سنڌ.چاپو پهريون.سال2008ع.ص:207
2. ساڳيو،ص:207.
3. قاضي،خادم،ڊاڪٽر. " سنڌجي نثري داستان جو تنقيدي جائزو" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،سنڌيونيورسٽي،جام شورو.چاپو پهريون.سال 1990ع.ص78
4. پٺاڻ،غلام حُسين،ڊاڪٽر،" سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ " انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،سنڌيونيورسٽي،جام شورو.چاپو پهريون.سال1982ع.ص89
5. ميمڻ،عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر. " سنڌي ادب جو تنقيدي اپياس " نئي روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، چاپو ٻيون، سال 2006ع.ص:121.
6. سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ. ص82

7. ملاح، مختيار احمد." سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ"ثقافت ۽ سياحت کاتو،حڪومت سنڌ.چاپو پهريون.سال2012ع. ص: 43
8. ننڍي کنڊ ۾ ڊرامي جي تاريخ.ص: 207
9. سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ.ص:208
10. نظاماڻي،ميرمحمد."سنڌي ڊراما،ان جي ارتقا فن ۽ تاريخ"انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،سنڌيونيورسٽي،جام شورو.چاپو پهريون.سال1982ع.ص: 27
11. سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ.ص:44
12. سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ.ص:45
13. سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس،ص:122
14. سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس ص:122